ISSN Online: 3006-4708
ISSN Print: 3006-4694
SOCIAL SCIENCE REVIEW ARCHIVES
https://policyjournalofms.com

# A Research Review of MPhil and PhD Theses on The Sindhi Short Story

**Abdul Naem[1], Ali Asghar Otho[2], Barkatullah Otho[3]**
[1] Subject Specialist, IBA Community College, Dadu.
[2] Assistant Professor, Government Boys Degree College Sehwan.
[3] Lecturer, Government Boys Degree College, Sehwan.

**DIO: https://doi.org/10.70670/sra.v4i1.1978**

**Abstract**
The short story is a major genre of fiction that expresses emotions, experiences, and the social realities of human beings in a concise and effective manner. This art has enough development in the Sindhi literature. It presents the different aspects of society as cultural, psychological, and intellectual trends. This is why the short story is not only enriched with entertainment and recreation, but it is also considered to be the main source of making people aware of what the writer wants to make his readers aware of.
This study is based on the review of the PhD theses, written on the Sindhi short story in the fictional literature.
The purpose of this thesis is to examine and evaluate the previous studies to familiarize oneself with the themes, methodologies, and their results. The key research questions in this regard include: "What are the major trends in research on the Sindhi short story?" "What methodologies have been applied in these studies?" and "In what manner do these studies contribute to the development of Sindhi literature?"
A qualitative research methodology has been used in this study. That contains with the textual analysis, comparative study, and thematic evaluation. The scope of this study is confined to the PhD theses written on the Sindhi fictional literature, ensuring a deep understanding of the subject.
This study is peculiar in its nature because of its systematic formation, production, and evaluation of previous research, taking on a strict eye over their strengths and areas of improvement, also providing guidance for future researchers.
**Keywords:** Sindhi short story, Fiction, evaluation, PhD theses, Qualitative research, literary trends.

## سنڌي ڪھاڻيءَ تي لکيل ايم فل ۽ پي ايچ ڊي مقالن جو تحقيقي جائزو

ڪھاڻي افسانوي ادب ۾ فرد جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيت جو اظهار ڪرڻ سان گڏ سماج جو عڪس پيش ڪري ٿي، ڇڪاڻ تہ هر ڪھاڻي زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن پاسي جي حقيقتن کي اهڙي ريت پيش ڪري ٿي جو پڙهندڙ نہ رڳو ان طرف متوجهہ ٿئي ٿو پر ان جي اثر سبب سوچڻ تي مجبور ٿئي ٿو. ڪھاڻي توڙي جو هڪ هترادو ۽ گهڙيل قصو هوندو آهي پر ان جو لاڳاپو فرد جي زندگي سان هوندو آهي ڪھاڻي جي اندر پيش ڪيل واقعا ليکڪ جي تخليق جو اظهار هجن ٿا پر ليکڪ سماج جي اندر جيڪو تجربو ۽ مشاهدو ڪري ٿو ان کي ڪھاڻي جي ڪردارن وسيلي پيس ڪري ٿو،جيئن پڙهندڙ نہ رڳو ڪھاڻي مان لطف حاصل ڪن پر هن جي مقصديت کي زندگيءَ جو حصو بڻائن ڇاڪاڻ ليکڪ ڪھاڻي ۾ سماج جا اهي پهلوءَ بيان ڪندو آهي جن جو منفي ۽ مثبت اثر فرد جي زندگيءَ تي پوي ٿو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ڪھاڻي جو تخليڪار سماج سُڌارڪ جو بہ ڪردار ادا

ڪري ٿو ۽ عام ماڻهن کي ڪهاڻي جي ڪردارن جي عمل وسيلي نتيجن جي آگاهي بہ ڏي ٿو.ڪهاڻين وسيلي ڪهاڻي جو پڙهندڙ ۽ ان جو ٻڌندڙ سماج جي حقيقتن کان بہ واقف ٿئي ٿو، ۽ ان حقيقتن کي واضح ڪرڻ ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن پاڻ ملهايو آهي.

تخليق جو ڪارج اظهار آهي تہ تحقيق جو ڪارج ان اظهار جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ آهي تہ ڇا اهو اظهار مقصديت جي وضاحت ڪري ٿو يا نہ. ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي مختلف طريقن سان سنڌي ڪهاڻي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، جنهن جو دائرو مختلف سطحن تي آڌاريل آهي يعني ڪهاڻي تي تحقيق جي حوالي سان نہ رڳو مضمون ۽ مقالا لکيا ويا آهن پر ان تي سنڌ جي مختلف يونيورسٽن مان ڊگري جي حاصلات لاءِ پڻ ٿيسز لکيا ويا آهن جن ۾ ايم جا مونوگراف،ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جون سندون شامل آهن. هن وقت تائين ڪهاڻي جي فني ۽ فڪري پهلوئن تي جيڪا بہ تحقيق ٿي آهي اها سنڌي ادب جو اهم ورثو سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ان تحقيق جي آڌار تي اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو تہ ڪهاڻي ڪهڙي ريت ارتقا جا مرحلا طئي ڪيا آهن ۽ ان فڪري حوالي سان ڪهڙا اثر قبول ڪيا آهن.

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ تي جيڪا بہ تحقيق ڪئي وئي آهي اها ڪهاڻي کي فني ۽ فڪري طور تي وڏيڪ پرکڻ،پُرجهن جو موقعو فراهم ڪيو آهي. هن مقالي ۾ ڪهاڻي تي ٿيل تحقيق واري پهلوءَ تي روشني وڌي وئي آهي ۽ خاص طور تي ڪهاڻي تي ٿيل ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جو جائزو شامل ڪيو ويو، جنهن سان ڪهاڻي ۾ موجود ڪيترن ئي فني ۽ فڪري پهلوئن جي منجهيل پاسن کي سلجهايو ويو آهي يا ڪٿي ائين چئجي تہ

افسانوي ادب ۾ سنڌي ڪهاڻي تي جيڪا بہ ايم فل ۽ پي ايچ ڊي سطح تي جيڪا بہ تحقيق ٿي آهي، اها ڪهاڻي جي فني ۽ فڪر پهلوئن جي مختلف پاسن جي نشاندهي ڪري ٿي تہ ڪهاڻي ڪهڙي ريت فني ساخت بدلائيندي رهي آهي ۽ فڪري تحريڪن جو اثر قبول ڪيا آهن. هيٺ ايم فل ۽ پي ايچ ڊي لاءِ لکيل چونڊ مقالن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

### ايم.فل جي ڊگريءَ لاءِ لکيل مقالا

### ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فڪري پسمنظر تحقيقي اڀياس

هن موضوع تي پشمينا چنا سال 2021ع ۾ ايم. فل ڪئي آهي،. ٿيسز پنجن بابن تي مشتمل آهي. پهرين باب ۾ تحقيق جو طريقيڪار،موضوع جي اهميت،تحقيق جو طريقيڪار،تحقيق جا مقصد،تحقيق جي ضرورت جو بيان ملي ٿو. باب ٻيو هن باب ۾ ظفر حسن جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس ادبي سفر بابت رايا،جنم ننڍپڻ،تعليم ۽ تربيت، روزگار،شادي،اولاد،وفات ۽ ادبي سفر بابت اديبن جا رايا ملن ٿا.باب ٽئين ۾ ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فڪري پسمنظر،ظفر حسن جي دور جون سياسي ۽ سماجي حالتون ۽ ظفر حسن جي ڪهاڻين ۾ فڪري تحريڪون ۽ لاڙا شامل آهن.

عام طور تي ڪهاڻيءَ جو هر جزو اهم آهي پرڪهاڻيءَ جو پسمنظر وڏيڪ اهم هوندو آهي.هر ماڻهو معاشري جو حصو آهي پر ليکڪ معاشري جي ڊاڪٽر وانگر آهي ان کي معاشري جو هر مسئلو پرکڻ جو شعور عام ماڻهو کان وڏيڪ هوندو ڇو تہ ڪهاڻيڪار يا ليکڪ پنهنجي ارد گرد انهن سمورين اوڻاين کي ڏسي ڪري پنهنجي مشاهدي کان پوءِ ان کي ڪهاڻيءَ جو حصو بنائيندو ۽ ان جو حل ٻڌائيندو آهي. پوءِ اهو مسئلو ڪهڙو بہ هجي جيئن حق ناحق،ڪارو ڪاري، هاري جا حق،نيڪي بدي،فنا بقا وغيره جا اڄ ڪلهہ تمام گهڻا مسئلا درپيش اچن ٿا. ڏنو وڃي تہ انهن موضوعن تي ظفر حسن تمام پورو لهي ٿو،ڇو تہ انهن معاشري جي سمورن مسئلن جو فڪري پسمنظر ان وٽ ملي ٿو.

> ظفر حسن اهو ليکڪ هو جنهن طبقاتي نظام جي هر برائيءَ جي ڪهاڻين جو موضوع بنائي،ماڻهن ۾ انهن دشمن قوتن سان ويڙهہ ڪرڻ لاءِ شعور جاڳايو،جيڪي سماج کي اندر ئي اندر کائي کوکلو بنائي رهيون پوءِ اهي ڇاهي گهريلوهجن،مذهب،سماجي هجن،فرسوده رسم رواج هجن يا ذات پات جي ويڇا هجن. هن شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي سماج جي هر ڪنهن موضوع کي ڪهاڻين جو ويس ڍڪايو. هن وٽ ٻولي،ثقافتي ۽ سماجي هٿيار هئا جنهن جي وسيلي هن پڙهندڙن ۾ غير معمولي شعور جون شمعون روشن ڪيون. ظفر حسن پراڻين سماجي روين ۽ ڍانچي کي پوري طرح ختم ڪرڻ لاءِ سياسي شعور بيدار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. سندس ڪهاڻين جو مقصد هڪ اهڙو سماجي انقلاب آڻڻ هو،جنهن ۾ هر انسان جي زندگيءَ ۾ پيار، امن ۽ سلامتي هجي.(چنا،2021ع،ص26)

ظفر حسن پنهنجي ڪهاڻي (گناه جو ڏک) ۾ لکي ٿو ته:

اوڏي مهل وڏيري سان گڏ ٽي ڄڻا ٻيا به ويٺا هئا.وڏيرو کين پنهنجا قصا ٻڌائي رهيو هو. "پئرس جي ڪهڙي ٿا ڳالهه پڇو، پئرس ڇا سڄو يورپ سهڻن جو ملڪ آهي، ڇا سونهن آهي، سونهري وار، نيريون اکيون ۽ ڪير جهڙي اڇي چمڙي،آئون ته پهرين سندن سرير کي هٿ لائيندي ڏڄندو هوس ته ڪٿي ميرو نه ٿي پوي" وڏيري ڳالهه ڪندي کلي ڏنو.(حسن،1981ع،ص25)

هن ٿيسز جي باب چوٿين ۾ ظفر حسن جي ڪهاڻين جو فني اڀياس،پلاٽ،ٻولي،اسلوب،ڪردار نگاري جا موضوع شامل آهن. باب پنجين ۾ نتيجا ۽ ببليوگرافي شامل آهي.

## سنڌي ادب ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جو تحقيقي اڀياس

هن موضوع تي صبا شاه سال 2015ع ۾ ايم فل ڪئي آهي. ٿيسز پنجن بابن تي مشتمل آهي. باب پهرئين ۾ موضوع جو تعارف،تحقيق جو طريقيڪار،اڳ ٿيل تحقيق،تحقيق جا مقصد،تحقيق جو دائرو شامل آهي. باب ٻئي ۾ ٻولي،پلاٽ،اسلوب،ڪردارنگاري،منظرنگاري ۽ موضوع شامل آهي. باب ٽئين ۾ لوڪ ڪهاڻيون،جديد ڪهاڻيون، ڪجهه ڪهاڻيڪار جيئن پروانو سيوهاڻي،ڊاڪٽرظفرعباسي،عزيزڪنگراڻي،غلام مصطفٰي سولنگي،ڊاڪٽرغلام مصطفيٰ سولنگي،عبدالجبار منگي،خالد پيٽي شامل آهن. باب چوٿين ۾ جانورن جون نصيحت ڀريون ڪهاڻيون مختلف ڪهاڻيڪارن جا ڪتاب جيئن پکين ۽ جانورن جون نصيحت ڀريون ڪهاڻيون، عقلمند ڪانءُ،مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان،جيتن جي ڪانفرنس،ڏاهي جهرڪي،مور ۽ سهي جي ڳالهه وجايل دولت،جنهن کي رب رکي،پولڙي جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون شامل آهن. مزاحيه ڪهاڻيون پڻ شامل آهن جيئن رمون پيٽي،خيرو حجم،پينڊو بادشاه،ناني سقوران آهن. ٻارن جا مسئلا ۽ انهن جا احساس،ٻارن جي ڪهاڻين جا ٻارن جي سوچ،سمجهه ۽ انهن جي زندگيءَ تي پيل اثرات شامل آهن. باب پنجون هن باب ۾ ٻارن جي ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جي باري ۾ راءِ،ٻارن جي ڪهاڻين متعلق شاگردن جا رايا،نتيجا ۽ ببليو گرافي شامل آهي.

پراڻي دور کان وني اهو سلسلو هلندو اچي ٿو ته جڏهن گهر جا ننڍا ٻار ۽ گهر جا وڏڙا يعني ڏاڏو نانو يا ڏاڏي ناني گڏ ويهندا هئا ته اهي انهن ننڍن ٻارن کي جنن،ديون،پرين،جانورن ۽ بادشاهن جون آکاڻيون ٻڌائيندا هئا. اهي ڪهاڻيون اڌ ڪوڙ ۽ اڌ سچ تي مبني هونديون هيون. اهڙي طرح سان ٻار اهي ڪهاڻيون تمام ڌيان سان ٻڌندا هئا. انهن ڪهاڻين ۾ اهڙو ته تسلسل هوندو هو جو اهي ٻار ڪڏهن به نه چاهيندا هئا ته اها ڪهاڻي ختم ٿئي ايترو انهن جو ڌيان انهيءَ ڪهاڻيءَ ڏانهن راغب ٿيندو هو. اڄ به اهو سلسلو هلي ٿو پر پراڻي زماني کان ڪافي گهٽ نظر اچي ٿو.

آڳاٽي دور ۾ اهي قصا ڪهاڻيون زباني ٻڌايا ويندا هيا، جڏهن ته سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻي لکجڻ جي باقاعده روايت بابت چيو وڃي ٿو ته اها انگريزن جي دور کان ملي ٿي. وقت گذرڻ سان جيئن جيئن دنيا ترقي جون منزلون طئي ڪندي رهي ته ادب ۾ به جديد ۽ نوان لاڙا ۽ رجحان پيدا ٿيڻ لڳا، 1843ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي تيار ٿيڻ بعد ڪيترائي اشاعتي ادارا قائم ڪري مختلف علمي ادبي موضوعن تي ڪتابن ڇپجڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو، جنهن کانپوءِ آکاڻيون لکجڻ ۽ ترجمو ٿيڻ شروع ٿيون، جنهن جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. (شاه،2015ع،ص5)

## حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪري پسمنظر

حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ فڪري پسمنظر هي تحقيقي موضوع بخمينه چنا جو آهي. پاڻ هن تحقيقي موضوع تي ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي نگرانيءَ ۾ سال 2021ع ۾ ايم فل ڪئي آهي. هيءَ ٿيسز ڇهن بابن تي مشتمل آهي. پهرين باب ۾ تحقيق جو طريقيڪار،موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق،موضوع جو دائرو،۽ مقصد،تحقيقي وسيلا شامل آهن. باب ٻيو هن باب ۾ حميد سنڌي جي زندگيءَ جو احوال پيدائش،ابتدائي تعليم تربيت،روزگار،ميمبر،اعزاز،رهنماءُ،شادي ۽ اولاد،تصنيف تاليف تحقيق شامل آهي. باب ٽيون هن باب ۾ حميد سنڌيءَ جي دور جون سياسي ۽ سماجي حالتون،فڪري تحريڪون،رومانويت،مارڪسزم جو احوال شامل آهي. باب چوٿئين ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي پسمنظر بيان ٿيل آهي.

حميد سنڌي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي ڪيترن ئي اهم مسئلن کي پيش ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ٻين ليکڪن کان انفراديت آهي. حميد سنڌي هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. هي سچاڳيءَ جي تحريڪ جو ڪارڪن به رهيو آهي. حميد جي ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ سنڌ سان چاهه ۽ عام ماڻهن جون محبتون ۽ نفرتون آهن. هن جو پهريون عشق سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان ئي آهي. هن سنڌ جون اهي ڪهاڻيون سچائيءَ جي آرسيءَ کي سامهون رکي پوءِ لکيون آهن. سندس ڪهاڻين جا موضوع سنڌ جا داخلي توڙي خارجي مسئلا ۽ سماجي، معاشي مسئلا آهن ۽ هن انهن مسئلن جي ٽڪاسي ڪهاڻين ۾ ڪئي آهي.(چنا،2021ع،ص27)

حميد سنڌي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سنڌي سماج، عڪس نظر اچي ٿو، سندس ڪهاڻين ۾ نج سنڌي ماحول جو ذڪر ملي ٿو ۽ پاڻ سماج جي ٿيندڙ سمورين اوڻاين کي پنهنجي ڪهاڻين جو پسمنظر بنايواٿن، حميد سنڌي جي لکڻين ۾ درد پيڙا پيڙاءُ وارو فڪر پڻ نظر اچي ٿو. پاڻ هر حوالي سان سنڌي سماج کي اجاگر ڪيواٿن، جيڪو ڪنهن ليکڪ يا ڪهاڻيڪار کي ڪرڻ کپي.

حميد سنڌيءَ جي دور ۾ تخليق ٿيندڙ ادب جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته "سنڌ جو موجوده ادب سنڌ جي سماجي ۽ عوامي زندگيءَ جي عڪاسي آهي ۽ ان جي چٽي تصوير آهي. سنڌ جو موجوده ادب سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي تاريخ آهي."(الانا،1999ع،ص67)

بخميسه چنا پنهنجي هن ٿيسز جي چوٿئين باب ۾ ڪهاڻيءَ جو فني جائزو پيش ڪيو آهي، جيئن پلاٽ،ڪردانگاري،ٻولي،اسلوب پيش ڪيو آهي. هن جي ٿيسز جو آخري باب ڪتابيات ۽ ببليوگرافي تي مشتمل ڪيو آهي.

**تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين جو تجزياتي مطالعو**

تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين جو تجزياتي مطالعو هي تحقيقي موضوع امبر چاڪراڻي جو آهي. پاڻ هن تحقيقي موضوع تي ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي نگرانيءَ ۾ سال 2020ع ۾ ايم فل ڪئي اٿن. امبر چاڪراڻي پنهنجي هن ٿيسز کي ڪل پنجن بابن ۾ ورهايو آهي. باب پهرين ۾ تحقيق جو طريقو، تحقيق ڇا آهي، ضرورت ۽ اهميت ، تحقيق جا مقصد، تحقيق جو دائرو، موضوع تي اڳ ٿيل ڪم، موضوع لاءِ بنيادي ماخذ جو بيان شامل آهي.باب ٻيو هن باب ۾ تنوير جوڻيجو جي سوانح زندگيءَ جو احوال،جنم،تعليم،شخصيت،ملازمت،ادبي ڪم،حوالا شامل ڪيا ويا آهن. باب ٽئين ۾ ڊاڪٽر تنويرجوڻيجو جي ڪهاڻين جو فن، تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين ۾ پلاٽ، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاري، تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين ۾ منظر نگاري، تنوير جو ڻيجو جي ڪهاڻين جو اسلوب، ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ جي اهميت، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين جي ٻولي، حوالن جو بيان شامل ڪيو ويو آهي. باب چوٿون هن باب ۾ تنوير جوڻيجو جون ڪهاڻيون ۽ سنڌي سماج، سماجيات جي وصف، سنڌي سماج، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج، ننڍڙيون ڪهاڻيون، ڊاڪٽر تنوير جي ڪهاڻين ۾ آيل ڪردارن جو جائزو، عورت جي سماج ۾حيثيتءِ ڪهاڻيءَ ۾ عڪاسي، تنوير جي ڪهاڻين ۾ عورت جي حيثيت، تنوير جي ڪهاڻين ۾" فيمينزم" عورت زاد، فيمينزم ڇا آهي، تنوير جوڻيجو جي ڪهاڻين ۾ فيمينزم ۽ حوالا شامل آهن. هن ٿيسز جي آخري باب ۾ نتيجا،ببليو گرافي ايبسٽريڪٽ شامل آهن.

## پي ايڇ.ڊي جي ڊگريءَ لاءِ لکيل مقالا

**1. سنڌي افسانوي ادب ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو اڀياس**

هن موضوع تي ڊاڪٽر عائشه سريوال مقالو لکي سال 2017ع پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.سندن هيءَ ٿيسز ستن بابن تي مشتمل آهي. باب پهريون تحقيق جي طريقيڪار ۽ موضوع جي تعارف تي مشتمل آهي. باب ٻئي ۾ افساني بابت اڳ ٿيل تحقيق جو تجزيو پيش ڪيو ويو آهي. باب ٽئين ۾ ورهاڱي کان اڳ جي افسانوي ادب جي صورتحال ۽ ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي حقيقت شامل آهن. باب چوٿين ۾ ترقي پسند تحريڪ،تحريڪ جي ابتدا ۽ پس منظر،ترقي پسند تحريڪ جو سنڌي ادب تي اثر،سنڌي ناول تي ترقي پسند تحريڪ جا اثر،سنڌي ڊرامي ۾ حقيقت نگاري ۽ سماجي حقيقت نگاري،سنڌي ادب ۾ سماجي حقيقت

نگاريءَ جي ابتدائي اهڃاڻن جو احوال شامل آهي. باب پنجين ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو سنڌي افساني تي اثر ۽ نامور افسانا نگارن جي افسانن جو جائزو پيش ڪيل آهي، جن ۾ جمال ابڙو،اياز قادري،غلام رباني آگرو،نجم عباسي،حفيظ شيخ،امر جليل،علي بابا،نسيم کرل طارق اشرف،رشيد ڀٽي،ثميره زرين شامل آهن. باب ڇهين ۾ سنڌي ناول ۾ سماجي حقيقت نگاري،نامور ۽ نمائنده ناول نگارن جي ناولن جو جائزو،گوبند مالهي،موهن ڪلپنا،سراج،آغاسليم،نجم عباسي،طارق اشرف،ماڻڪ،قاضي فيض محمد،شيخ محمد حسن ڪنڊياروي جو بيان مليل ٿو. باب ستون هن ٿيسز جو آخري باب آهي هن باب ۾ نتيجا، حاصلاتون ۽ ببليوگرافي شامل آهي.

افسانو شروع ۾ هڪ اهڙو تاريخي قصو هوندو هو جنهن ۾ اڏ ڪوڙ ۽ اڌ سچ جو احوال ملندو هو. افسانو سماجي فرضي مسئلن تي مبني هوندو آهي. افساني جي پيدائش معاشري مان ٿئي ٿي. افسانو اسان کي معاشري جي گذريل ريتن،رسمن،رواج،پرمن،وهمن،جو ڏس ڏئي ٿو. افساني جي اصل شڪل آکاڻي، داستان آهي. داستان ۾ زندگيءَ جا ٽيئي سمورا پهلو افساني جو حصو هوندا آهن. افسا نگار معاشرو ترجمان هوندو آهي اهو زندگيءَ جا ٽيئي واقعا افساني ۾ ائين پيش ڪندو آهي. جيئن اهو سمورو قصو ان اڳيان پيش آيو هجي چو ته هو ان نظر سان شين کي پرکيندو آهي.

> انگريزن کان مليل آزاديءَ کان اڳ ئي سنڌي افسانو ترقيءَ جي راهه تي گامزن هو.ڪيترائي نامور ليکڪ هن صنف جي ترجماني ڪري رهيا هئا ۽ ڪهاڻيڪار پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ همعصر دورجو درد ۽ ان سان لاڳاپيل حقيقتون تخليقي روپ ۾ ظاهر ڪري رهيا هئا. هر ڪهاڻيڪار پنهنجي دور جو اڳواڻ ۽ رهنماءُ هو. نتيجي ۾ سنڌي افساني جي گهٽي پڙهجڻ جو اهم سبب ان جو نئون هجڻ ۽ ان جو اختصار هو، گڏوگڏ پهريون پيرو افسانوي انداز ۾ انساني سماج ۽ ان جي مسئلن کي ان شدت ۽ تاثر سان جاءِ ڏني وئي هئي. قديم آکاڻي خيالي ڳالهين سبب دلچسپ ته هئي، پر پڙهندڙ ان ۾ پنهنجو پاڻ کي گهٽ ئي ڏسي ٿي سگهيو. پر افساني يا ڪهاڻيءَ زندگيءَ جي مختلف واقعن ۽ وارداتن کي اهڙيءَ ريت پيش ٿي ڪيو، جو هر پڙهندڙ ان کي پنهنجي زندگيءَ جي آئيني طور ڏسي رهيو هو. افسانو پنهنجي اهڙيءَ شڪل تائين پهچندي ڪافي سفر طئي ڪري آيو هو.(سريوال،2007ع،ص151)

### 2. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج: هڪ تنقيدي جائزو

ڊاڪٽر ريحانه نظير مٽي جاٽيل موضوع تي 2014ع ۾ پي. ايچ.ڊي جي ڊگري لاءِ ٿيسز لکي آهي، سندن سپروائيزر پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم حسين هئا. هيءَ ٿيسز ستن بابن ۾ ورهايل آهي. پهريون باب جنهن ۾ برصغير ۾ جديد سنڌي ڪهاڻي جي ابتدا ۽ ارتقا تي روشني وڌي وئي آهي. باب ٻئين ۾ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي ابتدا ۽ اوائلي دور، ترجمن ۽ اصلي ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪيل آهي. باب ٽئين ۾ اسان کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو مختصر مقام،سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جديد فڪر جي ابتدا،سنڌي ادب جي ۾ مقامي ۽ سماجي تحريڪن جو حصو ۽ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو فڪر مليل ٿو. باب چوٿون هن باب ۾ اسان کي ڊاڪٽر نجم عباسي بحيثيت ڪهاڻيڪار ، نجم عباسي جي ڪهاڻين جو فني جائزو،ٻولي،مرڪزي خيال،ڪردار نگاري،منظر نگاري،مڪالما جي جاڻ ملي ٿي. باب پنجين ۾ نجم عباسي جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج پيش ڪيل آهي.

> ادب جي نثري صنفن ۾ افساني کي گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ مختصر دورن ۾ ڪنهن به سماج جي مختلف تهذيبي ۽ تمدني تاريخ،سندن ريتن رسمن،قائدن ۽ قانونن، ماحول سان لاڳاپيل مسئلن کان نه صرف واقفيت حاصل ڪن ٿا ان ڪري ئي ادب کي زندگي جو رهنما ۽ ترجما لکيو ويو آهي.(ملاح،2014ع،ص136)

ڪهاڻي سنڌي نثر جي هڪ اهم صنف آهي. ڏنو وڃي ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي سڄاڻپ اها آهي ته جنهن ۾ سماج جي سمورين اوڻاين،ٻراين،ريتن،رسمن،تهذيب تمدن وغيره جو سبق سمايل هجي ۽ انهن سمورن مسئلن کي ڪئين حل ڪجي اهو پڻ فڪر ڪهاڻيءَ ۾ موجود هجي، جديد ادب جي به اها ئي تقاضا آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ سماجي ڪارج جو فڪر لازمي آهي. ڇوته ڪهاڻي سنڌي ادب جي هڪ جاندار صنف آهي. ڪهاڻيءَ جو اصل مقصد،واسطو زندگي ۽ سماج جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ هوندو آهي.

> “ڏرتيءَ جو سڏ” هي نجم عباسي جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ احساس محرومي جي تصوير ڏيکاري وئي آهي. اُن ۾ هي فڪر سمايل آهي ته باوجود اعليٰ تهذيب رکڻ جي به اسان کي ڌارين جي غلامي ڪرڻي پوي ٿي، آخر اهو

ڪيسيتائين ٿيندو ؟(ملاح،2014ع،ص147)
باب ڇهين جو موضوع آهي "نجم عباسي جو همعصر اديبن ۾ مقام" همعصرن ۾ شيخ اياز،جمال ابڙو،ايازقادري،محمد عثمان ڏيپلائي،امر جليل،نسيم کرل،حميد سنڌي،غلام رباني،سوڀو گيان چنداڻي،سراج،ابراهيم خليل،قاضي خادم وغيره شامل آهن. باب ستون هن ٿيسز جو آخري باب آهي جنهن ۾ اهو سمجهايو ويو آهي ته پاڪستان جي ٻين مقامي ٻولين اردو،پنجابي،پشتو ۽ بلوچي جي اهم ڪهاڻيڪارن جي فن جي اڀياس جي روشني ۾ نجم عباسي جو مقام ڪهڙو آهي. هن باب ۾ نتيجا ۽ ببلوگرافي پڻ شامل آهن.

**3. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارنگاري: هڪ تحقيقي اڀياس**

هن موضوع تي ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، مئڊم تهمينه مفتي جي نگرانيءَ ۾ سال 2014ع ۾ پي ايچ ڊي ڪئي آهي. سندن ٿيسز ڇهن بابن تي مشتمل آهي. باب پهريون تحقيق جي طريقيڪار ۽ موضوع جي تعارف تي مشتمل آهي. باب ٻئي ۾ ڪردار ۽ ڪردار نگاريءَ جي وصف، ڪردار نگاري جي اهميت ، ڪردانگاريءَ جي اوسر جي تعريف بيان ڪيل آهي. ٽئين باب ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو شروعاتي فڪري پس منظر، ڪهاڻيڪار ۽ ڪردار نگاري، سنڌي ڪهاڻيءَ جو شروعاتي انگريزن وارو دؤر،سياسي حالتون، مذهبي حالتون، سماجي حالتون، شروعاتي ترجما ۽ ڪردارنگاري، شروعاتي ڪهاڻيڪار، سندن اسلوڪيون ڪهاڻيون ۽ ڪردار نگاري جو احوال ملي ٿو.

ڪردار ماڻهن لاءِ خاص آهن. ڪهاڻي هجي يا ناول ٻنهي صنفن لاءِ ڪردار نگاري تمام وڏي اهميت رکي ٿي. اهم ڪردارنگاريءَ سبب معاشري ۾ ڪهاڻيءَ کي مان ملندو آهي. جيتري ڪهاڻيءَ ۾ڪردارنگاري سني ٿيل هوندي اوترو پڙهندڙ کي لطف ايندو، پوءِ ڪردار ڪهڙا به ٿي سگهن ٿا، جاندار هجن يا غير جاندار هجن، جي جاندار هوندا ته ويتر ڪهاڻي لاءِ فائدي مند ڳالهه آهي. ڪردارن نگاري ائين سمجهو ته ڄڻ ڪهاڻي جو روح آهي.

> دنيا جي تاريخ ۾ فرد جو ڪردار اهم ۽ بنيادي آهي تاريخ جي مختلف دورن ۾ سياسي، سماجي ۽ فطري حالتن جي اثر ۽ تبديلين سبب انسان جو ڪردار ارتقا جا مرحلا طئہ ڪندو آيو آهي، تاريخ ۾ ڪن انسانن جو ڪردار چڱائي، حق ۽ انصاف جي علامت بڻيل آهي ته ڪي برائي، نا انصافي ۽ ظلم جو اهڃاڻ ۽ علامت بڻيل آهن. دنيا ۾ ايندڙ تيز تبديلين ۽ گذرندڙ وقت ڪيترن ئي ڪردارن کي صفحن تان متائي وقت جي دز ۾ دفن ڪري ڇڏيو. فرد پنهنجي ڪردار ذريعي تاريخ ۾ جيڪا سڃاڻپ پيدا ڪئي، سندس اها سڃاڻپ ۽ ڪردار ڪيس هميشہ زنده رکن ٿا. (ڪاڪا،2014ع،ص10)

باب چوٿين ۾ ورهاڱي کان پوءِ لکيل سنڌي ڪهاڻي جو فڪري پسمنظر،سياسي سماجي حالتون، فڪري تحريڪون ۽ نوان لاڙا، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر ۽ ڪردارنگاري جو احوال بيان ٿيل آهي.باب پنجين ۾ ورهاڱي بعد ڪهاڻيڪار ۽ سندن ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس ڏنل آهي، جنهن ۾ اياز قادري،جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، ع، ق شيخ، نجم عباسي،ثميره زرين، سراج الحق ميمڻ وغيره شامل آهن..هن ٿيسزز جي آخري باب ۾ تحقيقي نتيجا،ببليو گرافي ۽ ايبسٽريڪٽ شامل آهن.

**4. امر جليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس**

هن موضوع تي ڊاڪٽر زڪيہ ڏاهريءَ پي. ايچ. ڊي ڪئي آهي. ٿيسز ستن بابن تي مشتمل آهي. پهرين باب ۾ موضوع جو تعارف آهي ، جنهن ۾ موضوع جي اهميت ، افاديت، موضوع جو دائرو ، موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق، تحقيق جو مڪمل طريقيڪار، تحقيقي وسيلا وغيره ڄاڻايا ويا آهن. باب ٻئي ۾ اسلوب جو تعارف،اسلوب جي وصف،اسلوب جي اهميت،اسلوب جي تفصيلي جوڙجڪ ۽ ان جا جزا،خطابي اسلوب،علامتي اسلوب ،سنڌي نثر ۾ اسلوب جي ارتقا،انگريز دور ۾ اسلوب ۽ انگريز دور ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اسلوب جو بيان ملي ٿو. باب ٽئين ۾ امر جليل جو تعارف ۽ ڪهاڻين جي مجموعن جو شروعاتي زماني کان ترتيب سان جائزو،امر جليل جي اسلوب تي مختلف تحريڪن ۽ شخصيتن جو اثر،سنڌي ادب ۾ ورهاڱي کانپوءِ مزاحمتي ادب ۽ امر جليل جون مزاحمتي فڪر وارين ڪهاڻين جو ذڪر ملي ٿو. باب چوٿين ۾ امر جليل جي ڪهاڻين جو منڍ،وچ ۽ پڄاڻي، فني

مهارت، تشبيهن،استعارن ۽ جملن جو استعمال،سنڌي ادب ۾ تنزومزاح، امرجليل جي ڪهاڻين ۾ بياني ۽ علاماتي انداز،امر جليل وٽ علامتن جو استعمال،امرجليل جي ڪهاڻين جا ڪردار،امرجليل جون علامتي ڪهاڻيون،امرجليل جي ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ٽڙ واهپو ۽ مڪالمن جو استعمال،امر جليل جي ڪهاڻين ۾ بياني انداز،امر جليل جون ضمير متڪلم وارين ڪهاڻين جو احوال ملي ٿو.

اسلوب جو مقصد ليکڪ جي لکڻ جو اهو بياني انداز آهي ته هو قصو ڪهڙي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. لفظن جو جوڙڻ، لفظن جوصحيح استمال ڪرڻ،ڳالهه ڪرڻ جو طرز عمل،قصي جي معنيٰ ڊنگ وغيره اهم آهن. جو ته اسلوب هڪ قدرتي ڏات آهي. اهو فن اهڙو آهي جڏهن ماڻهو اها ڪهاڻي پڙهي دنگ ڪندو ته ان جو اندازو ٿيندو ته ليکڪ جو انداز بيان ڪيترو جاندار آهي. معاشري ۾ اها ڪهاڻي صحيح معنيٰ ڏرڪاريندي جيڪا انهن سيني شين تي پوري لهندي.

> امرجليل جو اسلوب سندس اکين آڏو ٿيندڙ واقعن جي گهري اثر هيٺ آهي.ماحول جو اثر،سندس طنزومزاح وارو اسلوب ان تي سندس شخصيت حاوي آهي. سندس اسلوب تي ڏک درد حق واري رومانويت حقيقت نگاري واري ۽ پيڙا واري ڪيفيت حاوي رهندي آهي. سندس ڪهاڻيون اسلوب جي حوالي سان ٻولي،لفظ،محاورا،تشبيهون،استعارا،جماليات،خيال،پيشڪش جو انداز مڪالمن جي ترتيب سندس اسلوب جي جان آهن.(ڏاهري،2018ع،ص173)

بنيادي طور تي ڏٺو وڃي ته اسلوب ڪهاڻيءَ جو اهم جزآهي. اسلوب اسان کي ڪهاڻيءَ جي اصل حقيقت ڏانهن وٺي ويندو ۽ اهو ٻڌائيندو ته ڪهاڻي جو اصل مقصد ڇا آهي. ڪهاڻيءَ جو اسلوب وقت جي حالتن،ريتن،رسمن ۽ اهڃاڻن جو فڪر ملندو آهي.

اسان امر جليل جي شخصيت تي نظر وجهون ٿا ته ان جي ڪهاڻين ۾ ان دور جي سياسي سماجي تحريڪن جو اهڃاڻ نظر اچي ٿو. امرجليل جو اسلوب ۽ شخصيت سبب ۽ مسبب وانگر گڏيل آهن. جهڙي خوبصورت طريقي سان امرجليل پنهنجي دور،پنهنجي شخصيت کي پنهنجي ذاتي ۽ خانداني حالتن کي پنهنجي تحريرن ۾ نروار ڪيو آهي ان دور جي ڪنهن ٻه ليکڪ ائين پيش نه ڪيو آهي.جيئن امر جليل لکي ٿو :

> “مان پابندين ۽ چيلينجز آڏو وڏيڪ قوت ۽ جذبي جي اٿموٽ اُچل سان لکي سگهان هان. ڪوڪو ذهن آتشڪدي وانگر هوندو آهي. تيل جي ڇنڊي سان ڀيڙ ڪري پڙڪي اٿندو آهي. منهنجي بدقسمتي اها آهي جوعام رواجي حالتون مون کي لکڻ لاءِ آماداه نه ڪري سگهنديون آهن. عام حالتون ملن هان ته شايد لکڻ کي بي معنيٰ سمجهي ڇڏيان هان.(ڏاهري،2018ع،ص176)

باب پنجين ۾ امرجليل جي اسلوب تي ذاتي ۽ شخصي اثر،امرجليل جا همعصر ۽ سندن اسلوب جيئن جمال ابڙو،اياز قادري،نجم عباسي،سراج الحق،غلام رباني آگرو،نسيم احمد کرل،علي بابا جو ذڪر ڪيل آهي. باب ڇهين ۾ امرجليل جي ناول (نيٺ گونگي ڳالهايو) جي اسلوب جو اڀياس آهي، ناول جي ابتدا،ناول ۾ اسلوب جو جائزو،ناول جا ڪردار،ناول جي مڪالمن جو احوال ملي ٿو. ٿيسز جو آخري باب ستون آهي جنهن ۾ نتيجا ۽ ببلوگرافي شامل آهي.

### 5. سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر

هن موضوع تي ڊاڪٽر رضا عليءَ 2021ع ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. هيءَ ٿيسز کي ستن بابن تي مشتمل آهي. باب پهرين ۾ موضوع جو تعارف آهي، جنهن ۾ تحقيق جو پسمنظر،مسئلي جو بيان،مسئلي جا سوال،تحقيق جا مقصد،مفروضو،تحقيق جي حدبندي،تحقيقي مواد حاصل ڪرڻ جا ذريعا،ادبي جائزو،اڳ ٿيل تحقيق،تحقيق جو طريقيڪار،تحقيق جو دائرو،تحقيق جي حدبندي جو احوال شامل آهي.باب ٻئي ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ ارتقا،مختصر ڪهاڻي ڇا آهي،ڪهاڻيءَ جي اهميت،سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات،ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي سياسي سماجي معاشي حالتون،ورهاڱي کان اڳ ڪجهه مشهور ڪهاڻين تي سياسي سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر،لعلچند امر ڏنو جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي “حرمکيءَ” جا،امر لعل هنگوراڻي جي ڪهاڻي “ادو عبدالرحمان”،شيخ اياز جي ڪهاڻي “سفيد وحشي”،آسانند مامتورا جي ڪهاڻي “ڪکي”،مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي “موهني”،عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي “ململ جو چولو” هن سمورين موضوعن جو ذڪر ڪيل آهي.

کھاڻي هڪ اهڙو ننڍو قصو هوندو آهي جنهن ۾ هڪ ڳالهه سمايل هوندي آهي. پوءِ اها ڳالهه ماڻهو،جانور،جن پرين،بادشاهن جي ٿي سگهي ٿي. اهي قصا ماڻهوءَ جي روزمرهه جي زندگيءَ ۾ هر روز پيش اچن ٿا. پراڻي دوُر کان وٺي اها روايت رهي آهي ته انسان پنهنجي زندگيءَ جي هر ڏينهن جا لمحا جڏهن کنهن کي به ٻڌائيندو آهي ته ان کي کنهن ڳالهه جي صورت ڏيندو ۽ پوءِ ٻئي کنهن کي ٻڌا ئيندو ته اڄ موسان هي هي واقعا ٿيا. آهستي آهستي جڏهن علمي شعور اچڻ شروع ٿيو ته پوءِ ان ڳالهه داستان ،افساني يا کھاڻي جي صورت اختيار کئي. جڏهن ادب جي ماهرن کھاڻي يا افساني لکڻ جا گھاڙيٽا يا قانون قاعدا ٻڌايا ته اهي پراڻي دوُر جون ڳالهيون  کھاڻي يا افساني جي مقرر کيل گھاڙيٽن ۾ پوريون اچن پيون ان ڏينهن کان کھاڻي يا افسانو لکڻ جو روج عام ٿيو. ائين کھاڻي جي ارتقا ٿي آهي.

کھاڻيءَ بابت جيکڏهن کنهن عام انسان کان پڇيو وڃي ته هو پنهنجي ٻارن کي ريجھائڻ لاءِ پنهنجي ڏاڏيءَ يا نانيءَ جي ٻڌايل قصن،آکاڻين ۾ ڀوتن،پرين،جنن،بادشاهن،وزيرن يا ديون جي ڳالهه يقينن کندو،چاکاڻ ته کھاڻيءَ جو عام ماڻهوءَ سان تعلق هميشه دلچسپيءَ وارو رهيو آهي.هر زماني ۾ ماڻهن جي ڌيان جو مرکز ۽ محور رهندي پئي آئي آهي. جنهن جو ثبوت مختلف مذهبي کتب ۾ قديم قصا ۽ داستان آهن، جن مذهبي تعليم کي عام کرڻ لاءِ مثال طور استعمال کيو ويو آهي. قدامت جي حوالي سان اڳواڻ مذهبي کتابن،جھڙوک: بائيبل ۾ موجود کھاڻيون،مهاڀارت ۽ رامائڻ جا داستان،رگ ويد جا قصا ۽ قرآن پاڪ ۾ گذريل نبين ۽ ٻين ماڻهن جون اتهاسي ڳالهيون ۽ قصا موجود آهن.(علي،2021 ع،ص32)

باب ٽئين ۾ ادب جي تشريح،ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال،ون يونٽ جو جوڙڻ،ون يونٽ ۽ ان خلاف تحريڪ،ون يونٽ جون کھاڻيون،چار مارچ جي نمائنده کھاڻي،ٻولي تحريڪ ۽ سنڌي کھاڻيون،مارشلائن  خلاف تحريکن جي اثر واريون کھاڻيون،لساني فسادن جي پسنظر ۾ لکيل کھاڻين جو ذکر آهي. باب چوٿين ۾ روشن خيالي ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر کھاڻيون،ترقي پسندي ۽ ان جي اثر  هيٺ آيل سنڌي مختصر کھاڻيون،مارکسزم جو نظريو ۽ مختصر کھاڻيون،رومانويت ۽ مختصر سنڌي کھاڻيون،وجوديت ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر کھاڻيون،قوم پرستيءَ جي اثر هيٺ لکيل سنڌي کھاڻين جو جائزو،جديديت ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر کھاڻين جو احوال ملي ٿو. باب پنجون  هن ٿيسز جو آخري باب آهي هن باب ۾ تت،نتيجا ۽ ببليوگرافي شامل آهي.

## حوالا


1. الانا،غلام علي.ڊاڪٽر.(1999 ع).سنڌي نثر جي تاريخ.حيدرآبادل: سنڌي ساهت گھر سنڌ.
2. حسن،ظفر.(1981 ع).رهيل قرض.حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليکيشن سنڌ
3. چاکراڻي،امبر.(2020 ع)تنوير جوڻيجو جي کھاڻين جو تجزياتي مطالعو. (اڻ ڇپيل)
4. چنا،بخمينا.(2021 ع).حميد سنڌي جي کھاڻين جو سماجي ۽ فکري پسمنظر. (اڻ ڇپيل)
5. چنا،پشمينا.(2021 ع).ظفر حسن جي کھاڻين جو فکري پسمنظر تحقيقي اپياس. (اڻ ڇپيل)
6. ڏاهري،زکيه.(2018 ع).امرجليل جي افسانوي ادب جي اسلوب جو تحقيقي اڀياس. (اڻ ڇپيل)
7. سريوال،عائشه.(2007 ع)سنڌي افسانوي ادب ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو اڀياس. (اڻ ڇپيل)
8. شاه،صبا.(2015 ع).سنڌي ادب۾ ٻاراڻين کھاڻين جو تحقيقي اڀياس. (اڻ ڇپيل)
9. علي،رضا.(2021 ع).سنڌي کھاڻيءَ تي سياسي سماجي ۽ فکري تحريکن جا اثر.
10. کاکا،نواب.(2014 ع).سنڌي کھاڻيءَ ۾ کردارنگاري: هڪ تحقيقي جائزو.
11. . ملاح،ريحانه نظير. ڊاڪٽر.(2014 ع).جديد سنڌي ادب جو تفصيلي جائزو.کراچي: کانياواڙ پبليکيشن سنڌ..